هفتيوار رسالو:344
WEEKLY BOOKLET:344

# امير اهلسنت کان اعتڪاف جي باري ۾ 10 سوال جواب



SINDHI


مسجد ۾ افطاري ڪرڻ جا احتياط 02
ڪيتري عمر جا اسلامي ڀاءُ اعتڪاف ڪن؟ 09
مسجد ۾ ڪنگي ڪرڻ ڪيئن آهي 03
ڇا اسلامي ڀينرون اجتماعي اعتڪاف ڪري سگهن ٿيون؟ 13



شيخ طريقت امير اهلسنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي
پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **امیرِ اهل سنت کان اعتڪاف جي باري ۾ 10 سوال جواب**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ
۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

# اميرِ اهلسنّت کان اعتڪاف جي باري ۾ 10 سوال جواب

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اميرِ اهلسنّت کان اعتکاف جي باري ۾ 10سوال جواب [1]

دعاءِ خليفهءِ عطار: ياالله پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو "اميرِ اهلسنّت کان اعتکاف جي باري ۾ 10 سوال جواب" پڙهي يا ٻڌي وني، اُن کي سنت جي مطابق اعتکاف ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اَكْثِرُوا الصَّلَاةَ عَلَيَّ يَوْمَ الْجُمُعَةِ فَاِنَّهُ مَشْهُوْدٌ تَشْهَدُهُ الْمَلَائِكَةُ وَاِنَّ اَحَدًا لَنْ يُّصَلِّيَ عَلَيَّ اِلَّا عُرِضَتْ عَلَيَّ صَلَاتُهُ حَتّٰى يَفْرُغَ مِنْهَا يعني جمعي جي ڏينهن مون تي ڪثرت سان درود موڪليندا ڪيو ڇوتہ هي ڏينهن يومِ مَشْهود(يعني منهنجي بارگاهہ ۾ ملائڪن جي خُصوصي حاضري جو ڏينهن) آهي، ان ڏينهن ملائڪ (خاص طور ڪثرت سان منهنجي بارگاهہ ۾) حاضر ٿيندا آهن، جڏهن ڪو شخص مون تي درود پاڪ موڪليندو آهي تہ ان جي فارغ ٿيڻ تائين ان جو درود منهنجي سامهون پيش ڪيو ويندو آهي. "حضرت ابودَرْداء رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ مون عرض ڪيو: (يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!) ۽ اوهان جي ظاهري وصال کان پوءِ ڇا ٿيندو؟ ارشاد فرمايائون: ها!(منهنجي ظاهري) وصال کان بعد بہ(منهنجي سامهون ايئن ئي پيش ڪيو ويندو." اِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَ عَلَى الْاَرْضِ اَنْ تَاْكُلَ اَجْسَادَ الْاَنْبِيَاءِ يعني الله پاڪ زمين جي لاءِ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي

---

[1] هي رسالو اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان ڪيل سوالن ۽ انهن جي جوابن تي مُشتمل آهي

جسمن جو کائڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي" فَنَبِيُّ اللّٰهِ حَيٌّ يُرْزَقُ چو ته الله پاڪ جو نبي زنده هوندو آهي ۽ ان کي رزق به عطا ڪيو ويندو آهي".
(ابن ماجه،291/2، حديث:1637)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب                صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

سوال: ڇا پوئين اُمّتن ۾ به اِعتڪاف ٿيندو هو يا هي اُمَّتِ مُحَمّديه جي لاءِ خاص آهي؟

جواب: اعتڪاف نهايت ئي پراڻي عبادت آهي جيئن ته دعوت اسلامي جي اداري مڪتبة المدينه جي ڪتاب"فيضان رمضان"جي باب فيضان اعتڪاف جي صفحي 228 تي آهي: پوئين اُمتن ۾ به اعتڪاف جي عبادت موجود هئي جيئن ته سيپاري پهرين سُورت بقره جي آيت نمبر 125 تي آهي:

وَعَهِدْنَاۤ اِلٰۤى اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ اَنْ طَهِّرَا بَيْتِيَ لِلطَّآىٕفِيْنَ وَالْعٰكِفِيْنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوْدِ ﴿۱۲۵﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ اسان ابراهيم ۽ اسماعيل کي تاڪيد فرمائي ته منهنجو گهر طواف ڪرڻ وارن ۽ اعتڪاف ڪرڻ وارن ۽ رڪوع ۽ سجود ڪرڻ وارن جي لاءِ پاڪ صاف رکو.

اي عاشقانِ رمضان! طواف و نماز ۽ اعتڪاف جي لاءِ ڪعبي شريف جي پاڪيزگي ۽ صفائي جو پاڻ ربّ پاڪ جي طرفان فرمان جاري ڪيو ويو. مشهور مفسر، حڪيم الامت حضرت مفتي احمديارخان نعيمي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: خبر پئي ته مسجدن کي پاڪ صاف رکيو وڃي اُتي گندگي ۽ بدبودار شيءِ نه آندي وڃي، هي انبياء جي سُنَّت آهي. هي به معلوم ٿيو ته اعڪتاف عبادت آهي ۽ پوئين اُمّتن جي نمازن ۾ رڪوع ۽ سجود ٻئي هئا. هي به معلوم ٿيو ته مسجدن جو متولي(يعني منتظم) هجڻ گهرجي ۽ مُتولّي صالح يعني

پرهيزگار انسان هجي. وڌيڪ اڳتي فرمائن ٿا: طواف ۽ اعتڪاف نهايت پراڻيون عبادتون آهن جيڪي زمانهءِ ابراهيمي ۾ به هيون.
(تفسير نور العرفان، پ1، البقرة، تحت الآية:125، ص 29، ملفوظات امير اہل سنت، 350/2)

**سوال:** رَمضان المبارڪ ۾ ڪوڙ ماڻهو مسجدن ۾ افطاري ڪندا آهن، انهن جي لاءِ اعتڪاف جي نيت جي متعلق مَدني گُل ارشاد فرمايو.

**جواب:** مسجد ۾ ڪائڻ جي لاءِ اِعتڪاف جي نيت نہ ڪيو بلڪ ثواب جي لاءِ نيت ڪيو ۽ هي نيت فقط رَمَضانُ المبارڪ ۾ ئي نہ بلڪ سڄو سال جڏهن بہ مسجد ۾ اچو پلي هڪ سيڪنڊ جي لاءِ بہ تہ اعتڪاف جي نيت ڪيو. نيت جا الفاظ هي آهن: نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافْ يعني مون سُنّت اعتڪاف جي نيت ڪئي. ياد رهي تہ هي نيت عربي الفاظ ۾ ڪرڻ ئي شرط ناهي بلڪ عربي الفاظ سان نيت انهيءَ وقت ٿيندي جڏهن دل ۾ نيت موجود هجي ۽ عربي جي معنيٰ بہ خبر هجي. فقط رٽيل لفظ چئي ڇڏيا ۽ اعتڪاف جي نيت جي طرف توجهه ئي ناهي تہ هي نيت نہ مڃي ويندي. اردو بلڪ ڪنهن بہ زبان ۾ نيت ڪري سگهو ٿا مثلاً مون سُنّت اِعتڪاف جي نيت ڪئي.

ياد رهي تہ مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ سمهڻ جائز ناهي البتہ اعتڪاف جي نيت ڪري ورتي تہ هاڻي ضمني طور مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ، سمهڻ، افطار، آبِ زم زم پيئڻ، نياز ڪائڻ وغيره سڀئي جائز ٿي ويندو. جيڪڏهن ڪائڻ پيئڻ سامهو اچي ويو ۽ اعتڪاف جي نيت نہ ڪئي هئي تہ هاڻي فقط ڪائڻ پيئڻ جي لاءِ اعتڪاف جي نيت نٿا ڪري سگهون. (درمختار و رد المحتار،525/2ماخوذاً -بہارِشریعت،648/1، حصہ:3)

البت ثواب جي لاءِ هاڻي بہ نيت ٿي سگهي ٿي لهٰذا نيت ڪرڻ کان پوءِ ٿورو ذڪر و درود ڪيو مثلاً 12 ڀيرا درود شريف يا ڪلمو شريف پڙهي وٺو. 12 جي عدد سان محبت جي ڪري 12 ڀيرا پڙهڻ جو چيو

آهي نه ته ايترا پيرا ئي پڙهڻ ضروري ناهي. ڪجهه نه ڪجهه ذڪر و درود پڙهو، هاڻي چاهيو ته ڪائڻ پيئڻ ۽ افطاري ڪري سگهو ٿا.

(ملفوظات امير اہل سنت، 368/2)

سوال: مسجد ۾ ڪنگي ڪرڻ ڪيئن؟

جواب: مسجد ۾ ڪنگي ڪرڻ کان بچڻو پوندو ڇوته هن سان مسجد ۾ وار ڇڻندا، البته جيڪڏهن ڪو احتياط سان ڪنگي ڪندو آهي مثلاً چادر وڇائي ڪري ڪندو آهي ته جيئن وار ڪِرن ته چادر ۾ ڪِرن ته هن طرح ڪنگي ڪرڻ جائز آهي. مسجد ۾ ڪنگي ڪرڻ کان منع ئي ڪرڻ گهرجي نه ته اعتکاف ۾ جيڪڏهن معتکفين هر هنڌ ڪنگي ڪرڻ شروع ڪندا ته ڇوته سيني کي احتياط ڪرڻ ايندو ناهي انهيءَ ڪري وار ڪيرائيندا رهندا حالانڪ مسجد کي صاف سٿرو رکڻ جو حڪم آهي. (ملفوظات امير اہل سنت،181/2)

سوال: جيڪي اسلامي ڀائر اعتکاف ڪرڻ کان پوءِ ديني ماحول کان پري ٿي ويندا آهن انهن کي ٻيهر ديني ماحول ۾ ڪيئن آندو وڃي؟

جواب: اعتکاف ڪرڻ کان پوءِ سيئي معتکفين ديني ماحول کان پري ٿي ويندا آهن اهڙي ڳالهه ناهي. جيڪڏهن ايئن هجي ها ته اڄ اسان کي هي بهارون ٻڌڻ ۾ نه ملن ها. دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته اسلامي ڀائرن جي ڪثير تعداد اعتکاف جي ڪري ئي مدني ماحول ۾ آئي آهي. دعوت اسلامي جي مفتي فُضيل رضا (دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه) جو دعوت اسلامي سان وابسته ٿيڻ جو سبب به اعتکاف ئي بڻيو، ان مدني ماحول سان وابسته ٿيڻ جو واقعو پاڻ ٻڌايو هو ته هي پهريان مدرسة المدينہ براءِ بالغان ۾ پڙهڻ ايندو هو پوءِ ان دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ (ڪراچي) ۾ ٿيڻ واري اجتماعي اعتکاف ۾ شرڪت ڪئي. هن اعتکاف جي

برڪت سان ان تي اهڙو رنگ چڙهيو جو ان درسِ نظامي(يعني عالم ڪورس) شروع ڪيو ۽ اَڄ اَلحَمدُلله! دعوت اسلامي جا قابِل فخر مفتي آهي بلڪ مفتيِ اسلام بڻجي چڪا آهن. انهي طرح دعوت اسلامي جا ڪيترائي مبلغ ۽ ذمہ دار اهڙا هوندا جن اعتڪاف جي ڪري مدني ماحول کي اپنايو هوندو، ممڪن آهي تہ ڪيئي اَراڪينِ شورا بہ اهڙا هوندا جيڪي اعتڪاف جي برڪت سان دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيا هوندا.

نگرانِ شورا حاجي ابوحامد محمد عمران بہ اعتڪاف ئي جي ڪري مدني ماحول ۾ آيا. اعتڪاف ڪرڻ کان پهريان انهن ديني ماحول ۾ اچڻ وڃڻ شروع ڪيو هو جنهن جي ڪري ڪائنس ڪجھ نہ ڪجھ اثر ٿيو، پوءِ جڏهن اعتڪاف ڪيائون تہ دنيا ئي بدلجي وئي. هي پنهجي اُن اعتڪاف جو ماحول پاڻ بيان ڪن ٿا تہ ”جڏهن مان اعتڪاف ۾ وينس تہ منهنجا دوست مون کان ملڻ ايندا هئا چوتہ مان پاڻ بہ مذاق مسخري جو عادي هيس تہ اهي مون کي چوڻ لڳا تہ هي سيئي ڊراما ڇڏ. چو تون مولوين کي تنگ ڪرڻ جي لاءِ اچي هتي وينو آهين؟ پر مان بلڪل سنجيده ٿي ويس ۽ انهن سان اهڙو مذاق نہ ڪيو.“ پوءِ نگران شوريٰ تي اعتڪاف جو اهڙو رنگ چڙهيو جو اڄ اهو ئي نگرانِ شوريٰ بڻجي ڪري ماڻهن جي سامهون موجود آهي ۽ دنيا جي وڏي تعداد سندس عقيدتمند آهي. اڪثريت سندن بيان سان مطمئن هوندي آهي پڻ ان جو بيان ٻڌڻ وارا پنهنجي اندر تبديلي محسوس ڪندا آهن. يقيناً هي سيئي بهارون اعتڪاف جي ئي ڪري آهن ان جي باوجود جيڪڏهن ڪو اعتڪاف ڪرڻ کان بعد بہ نيڪي جي راھ تي ناهي ايندو ۽ ان جي اندر ڪنهن قسم جي تبديلي ناهي ايندي تہ هي ان جو پنهنجو نصيب آهي.

حضرت وَهب بِن مُنَبِّہ رحمۃُ اللہِ علیہ تابعي بُزرگ آهن انهن جي فرمان جو

خلاصو آهي: ڪجھ ماڻهو علمِ دين حاصل ڪندا آهن ان جي باوجود سڌرندا ناهن بلڪ انهن ۾ خوب بگاڙ هوندو آهي جيڪو فساد جو سبب بڻبو آهي.[1] يعني جيڪڏهن ڪنهن جي دل ۾ فساد جو ٻج موجود هجي ته علمِ دين حاصل ڪرڻ جي باوجود ان جي دل مان فساد ئي پيدا ٿيندو جو اهو ٻج ڏينهن ٻه ڏينهن وڌندو رهندو آخرڪار قد آور وڻ بڻجي ڪري فساد برپا ڪندو. چوته ميوو هميشه ٻج جي مثل ئي حاصل ٿيندو آهي جيئن ٻج پوکيو ويندو ايئن ئي ميوو ملندو جيڪڏهن اناج پوکيندا ته اناج ئي ملندو، جوَ پوکيندا ته جوَ ئي ملندا ۽ چانوَر پوکيندا ته چانور ئي ملندا. انهي طرح ڪجھ ماڻهن جي دلين ۾ بدبختي ۽ شرارت جو ٻج هوندو آهي هي ماڻهو علمِ دين حاصل ڪري ٻه وٽن ته ان ٻج جون پاڙون سندن دل ۾ مضبوط ٿي چڪيون هونديون آهن ايئن اهي ماڻهو فساد پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجندا آهن. پڻ جنهن خوش نصيب جي دل ۾ شرافت ۽ سعادت مندي جو ٻج هوندو آهي پوءِ اهو ان ٻج جو علمِ دين جي ذريعي ريج ڪندو آهي ۽ اُن ۾ وڌيڪ نکار پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته اهو شخص هڪ

---

[1]... حضرت وَهب بِن مُنَبِّہ رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: علم جي مثال ته بارش جي اُن پاڻي جيان آهي جيڪو آسمان مان صاف و شفاف ۽ مٺو نازل ٿيندو آهي ۽ وڻ ان کي پنهنجي ٿارين جي ذريعي جذب ڪري وٺندا آهن. هاڻي جيڪڏهن وڻ ڪڙو هوندو آهي ته بارش جو پاڻي اُن جي ڪوڙاڻ ۾ اضافو ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن اهو وڻ مٺو هوندو آهي ته اُن جي مناڻ ۾ اضافو ڪندو آهي بس ايئن ئي علم بذات خود ته فائدي جو سبب آهي پر خواهشات نفس ۾ گرفتار انسان ان کي حاصل ڪندو آهي ته هي علم ان جي تڪبّر ۾ مبتلا هجڻ جو سبب بڻجي ويندو آهي ۽ جڏهن شريف النفس انسان کي هي علم حاصل ٿيندو آهي ته هي اُن جي شرافت، عبادت، خوف ۽ خشيت ۽ پرهيزگاري ۾ اضافو ڪندو آهي. (حديقہ نديہ، 2/512)

نيڪ انسان ۽ عالمِ باعمل بڻجي ڪري مُعاشري ۾ اُڀرندو آهي.

## پنهنجي وقت جي قدر ڪيو

اهڙا ڪيئي ماڻهو عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ(ڪراچي) ۾ اعتڪاف جي لاءِ ايندا آهن جن جو پنهنجي اصلاح جي حوالي سان ڪو ذهن ناهي هوندو تہ هُو پنهنجي دوستن سان گروپ ٺاهي ڪري فضول ڳالهين ۾ مشغول ٿي ويندا آهن. جيڪڏهن ڪو دوست ٻاهر کان ڪباب سموسا کڻي اچي تہ اهي کائڻ ۾ پنهنجو وقت برباد ڪري رهيا هوندا آهن. ڪجھ تہ مدني مذاڪري ۾ بہ شرڪت ناهن ڪندا حالانڪ مدني مذاڪرو اعتڪاف ۾ سڀني کان وڌيڪ اهم سلسلو هوندو آهي. ان جي ڪنن تائين مدني مذاڪري جي آواز ضرور پهچندي آهي پر دل ۾ ناهي لهندي ڇوتہ هي ٻڌڻ جي لاءِ ويٺائي ناهن هوندا تہ ان جي برڪتن کان بہ محروم ٿي ويندا آهن. ها! جيڪي ماڻهو مسجد جي اندر ويهي ڪري توجھ سان مدني مذاڪرو ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن تہ يقيناً سندن دل تي بہ اثر ٿيندو آهي ۽ ڍيرون نيڪيون پنهنجي دامن ۾ سميٽي وٺندا آهن. لھٰذا مُعتڪفين کي گهرجي تہ اهي پنهنجي وقت جي قدر ڪندي ان کي فضوليات ۾ ضايع ڪرڻ جي بجائي علمِ دين حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.

## سڄو سال رمضان المبارڪ جو انتظار

رمضان المبارڪ جي آمد ۾ اڃا ڪجھ مهينا باقي آهن لھٰذا جن کان ٿي سگهي اهي نيت ڪن تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ (ڪراچي) ۾ پوري ماهِ رمضان جو اعتڪاف ڪنداسين. عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ ۾ اعتڪاف جو نهايت خوبصورت ماحول

هوندو آهي لهٰذا حتّي الامڪان فيضان مدينه ۾ ئي اعتڪاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو، نه ته پنهنجي پنهنجي شهرن ۽ ملڪن ۾ جتي دعوت اسلامي جي تحت اعتڪاف ڪرايو ويندو آهي اُتي اعتڪاف ڪرڻ جي ترڪيب بڻايو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! بيمشار فائدا ۽ برڪتون نصيب ٿينديون. جيڪڏهن هڪ مهيني جو اعتڪاف ڪرڻ ممڪن نه هجي ته ڏهه ڏينهن جي اعتڪاف جي ترڪيب ڪيو جيڪڏهن هي به نه ٿي سگهي ته اعتڪاف ۾ اچڻ وڃڻ ئي ڪيو مثلاً ڪنهن کي نوڪري تي وڃڻو آهي ته اهو نوڪري جو ڪم پورو ڪري واپس اچي ۽ جتي اعتڪاف ٿي رهيو آهي اتي ئي رهي گهر نه وڃي بلڪ نوڪري کان پوءِ سڄو وقت اعتڪاف وارن سان گڏ گذاري انهن جي صحبت اختيار ڪري ايئن ڪرڻ سان به ڪافي ڪجهه حاصل ٿي ويندو. اَلحَمدُلله! اسان کي سڄو سال رمضان المبارڪ جو انتظار رهندو آهي بلڪ اسان ته سڄو سال هي دعا گهرندا آهيون: اَللّٰهمَّ بَلِّغْنَا رَمَضَانَ بِصِحَّةٍ وَّعَافِيَةٍ اى الله! اسان کي صحت و عافيت سان ماهِ رمضان سان ملاءِ.“ رمضان المبارڪ جي برڪتن جي به ڇا ڳالهه آهي! رمضان المبارڪ جي فضائن ۾ جيڪو سرور هوندو آهي اهو بين ڏينهن ۾ ناهي ڏٺو ويندو جيئن ئي رمضان المبارڪ جو چنڊ نظر ايندو آهي ته دل تي هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي ۽ جيئن ئي عيد جو چنڊ نظر ايندو آهي ته دل غم ۾ ٻڏي ويندي آهي ته هاءِ افسوس! رمضان جو بابرڪت مهينو ۽ نهايت عظمت ۽ شان وارو مهينو اسان کان رخصت ٿي ويو، اهو سڀ ڪجهه هليو ويو جيڪو رمضان جي ڪري اسان کي نصيب ٿيو. الله پاڪ اسان کي صحت و عافيت سان باربار رمضان المبارڪ جو مهينو نصيب ڪري.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى الله عليهِ وآلهٖ وسلَّم

## عمر رسيده اسلامي ڀاءُ مدني مرڪز ۾ اعتڪاف

پيارا اسلامي ڀائرو! پوري رمضان جو اعتڪاف ڪرڻ جي نيت فرمايو چاهي اوهان گذريل سالن ۾ هڪ سال جو اعتڪاف ڪيو هجي يا نہ ڪيو هجي ۽ نيت ڪندي ئي ان جي تياري بہ شروع ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن نيت سچي ٿي تہ نيت ڪندي ئي ان جو ثواب ملڻ شروع ٿي ويندو. ڪجھ خوش نصيب تہ اعتڪاف جا اهڙا شيدائي هوندا آهن جو طرح طرح جي آزمائشن جي باوجود اعتڪاف ڪرڻ کان پوئتي ناهن هٽندا خاص ڪري اسان جا عمر رسيده اسلامي ڀائر سالن کان اعتڪاف ڪري رهيا آهن انهن کي منع بہ ڪيو وڃي تہ ناهن مڃيندا ۽ ڪهڙي حالت ۾ بہ گهر وڃڻ جي لاءِ تيار ناهن هوندا. ڇوتہ اجتماعي اعتڪاف ۾ ڪافي رش هوندي آهي تہ معذور اسلامي ڀائر ۽ اسان جا عمررسيده سخت آزمائش ۾ اچي ويندا آهن انهن کي استنجا وضو جي معاملن ۾ ڪافي پريشان ٿيندي آهي انهي ڪري هاڻي اسان هي اصول ٺاهيو آهي تہ عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ باب المدينہ(ڪراچي) ۾ 50 سال کان وڌيڪ عمر جي اسلامي ڀائرن کي اعتڪاف ۾ نہ ويهاريو وڃي. البتہ فيضان مدينہ ۾ ڪجھ اهڙا بزرگ اسلامي ڀائر بہ آهن جن جي عمر 70 سال ٿي چڪي آهي پر هي ڪافي عرصي کان فيضان مدينہ ئي ۾ اعتڪاف ڪري رهيا آهن تنهنڪري صرف انهن اسلامي ڀائرن کي فيضان مدينہ ۾ اعتڪاف جي اجازت آهي ڇوتہ وڏي عرصي کان فيضان مدينہ ۾ اعتڪاف ڪرڻ جي ڪري انهن اسلامي ڀائرن کي ڪافي تجربو ٿي چڪو آهي، انهن کي مدني مرڪز جي اصولن ۽ جدول وغيره جو علم هوندو آهي انهي ڪري اُمّيد آهي تہ هي ٻين اسلامي ڀائرن جي تڪليف جو سبب نہ ٻڻجندا. نوان اچڻ وارا عمر رسيده اسلامي ڀائر جنهن جي عمر 50 سال کان وڌيڪ هجي انهن کي فيضان مدينہ ۾ اعتڪاف ڪرڻ جي اجازت

ناهي ڇوته انهن کي فيضان مدينه ۾ اعتڪاف جو تجربو ناهي هوندو ڇو جو هڪ ته عمر رسيده هجڻ جي ڪري جسم ڪافي ڪمزور ٿي چڪو هوندو ٻيو وري اعتڪاف جي جدول جي ڪري وڌيڪ ڪمزوري ٿي ويندي، جيڪڏهن هي بيمار ٿي ويا ته انهن کي سنڀالڻ مشڪل هوندو آهي. پڻ استنجا خانن ۽ وضُو خانن تي گهڻي رش هجڻ جي ڪري به هي پريشان ٿي ويندا لهٰذا اهڙن عمر رسيده اسلامي ڀائرن کي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه ۾ اعتڪاف نه ڪرايو وڃي. (ملفوظات امیر اہل سنت، 231/1)

سوال: ڇا اسلامي ڀينرون اجتماعي اعتڪاف ڪري سگهن ٿيون؟

جواب: جي نه! اسلامي ڀينرون اجتماعي اعتڪاف نٿيون ڪري سگهن. ڇوته عورت جي لاءِ مسجد بيت يعني گهر جو اهو حصو جيڪو ان نماز پڙهڻ جي لاءِ مخصوص ڪيو آهي انهي ۾ اعتڪاف ڪرڻ جي اجازت آهي. (درمختار،494/3ماخوذاً)

لهٰذا جيڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي اعتڪاف ڪرڻو هجي ته اها صرف مسجد بيت ئي ۾ ڪري. جيڪڏهن گهر ۾ ڪا مخصوص جاءِ نماز پڙهڻ جي لاءِ مخصوص نه هجي ته اعتڪاف ڪان پهريان ڪا جڳهه جيئن گهر جو ڪو ڪمرو يا حصو مَخْصُوص ڪري ته اها انهي جڳهه نماز پڙهندي پوءِ اتي ئي اعتڪاف ۾ ڪري.

(ملفوظات امیر اہل سنت، 234/1)

سوال: مان اعتڪاف ڪرڻ چاهيان ٿو مون کي اهو ٻڌايو ته دعوت اسلامي جي تحت ٽيڻ واري هڪ مهيني جي اعتڪاف ۾ ڪو ڪورس به ڪرايو ويندو آهي؟

جواب: هڪ مهيني جي اجتماعي اعتڪاف ۾ ڪورس ناهي ٿيندو بلڪ ڪورس ڪرايا ويندا آهن ۽ گهڻو ڪجهه سيکاريو ويندو آهي.

البتہ اجتماعي اعتڪاف جي دوران Proper (باقاعده)ڪورس ناهي ڪرايو ويندو. پر مجموعي طور تي گهڻو ڪجهہ سکڻ جي لاءِ ملندو آهي. روزانو بہ مدني مذاڪرا ٿيندا آهن جيڪي هڪ عرصي کان ٿي رهيا هوندا آهن، صحت ساٿ ڏنو تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم! هن واري بہ بہ مدني مذاڪرا هوندا. ان کان علاوه نماز سيکاري ويندي آهي، دعائون ياد ڪرايون ويندیون آهن پيو بہ گهڻو ڪجهہ سکڻ جي لاءِ ملندو آهي، لِهٰذا هڪ مهيني جو اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت ضرور حاصل ڪيو.

(ملفوظات امير اہل سنت، 244/2)

سوال: ملتان ۽ ان جي اطراف جي شهرن جي ذميدارن نيت ڪئي آهي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم!رمضان شريف ۾ اجتماعي اعتڪاف جي لاءِ هڪ هڪ ٽرين ونی ايندا، اوهان کي مناسب لڳي تہ معيار جي باري ۾ ٻڌائيندا تہ ڪهڙي طرح جي اسلامي ڀائرن کي اعتڪاف ۾ آندو وڃي؟

جواب: اجتماعي اعتڪاف جي لاءِ سُلجهيل اسلامي ڀائرن کي آندو وڃي، هي ناهي تہ ٽرين آڻڻ جو چئي ڇڏيو آهي تہ ڪنهن کي بہ آندو وڃي هتان هُتان پيسا جمع ڪري ڪري 80 سالن جي پوڙهن کان پري اچو. ڪو ويچارو فالج جو مريض آهي تہ ڪنهن جي حالت اهڙي آهي جو ڳالهہ ئي نٿو سمجهي سکڻي ۽ تربيتي حلقن جي وچ ۾ سمهي رهي، کاوڙ ڪري، اسلامي ڀائرن کي ڏڙڪا ڏي، استنجا خانن ۾ رش هجي تہ اُتي جهيڙو ڪري يا ويچارو بيمار ٿي وڃي ۽ اسپتال جي بستر وڃي پئي. اهڙن کي تڪليف نہ ڏني وڃي جو ان جا ڪجهہ مسائل ضرور هوندا آهن. اجتماعي اعتڪاف ۾ شرڪت ڪرڻ وارن جي عمر 50 سال کان وڏيڪ نہ هجي ان کان گهٽ هجڻ گهرجي. اهڙن اسلامي ڀائرن کي ترجيح ڏني وڃي ۽ انهن کي ڪا بيماري بہ نہ هجي. ڪجهہ اسلامي ڀائر ڪينسر جي مريضن کي وٺي ايندا آهن. جيڪڏهن

ڪنهن کي ڳلي جي ڪينسر آهي اسان جي 112 فيصد ان کان همدردي آهي پر هي جڏهن اعتکاف وارن سان گڏ ڪائڻ جي لاءِ ويهندو تہ سيئي ڪائي رهيا هوندا ۽ هي وينو هوندو انهن کي هن تي ترس ايندو ۽ انهن جو ڪائڻ مشڪل ٿي ويندو. اهڙو مريض نہ هجڻ گهرجي جنهن سان ٻين کي پريشاني ٿي ۽ هي پاڻ بہ پريشان ٿي وڃي ۽ اٽڻ واري کي بہ برو پلو چئي پوءِ ضد ڪري تہ مون کي واپس گهر پڄايو مون کي کهڙي خبر جو هتي ايتري رش ٿيندي وغيره لهٰذا معتڪفين اٽڻ جي لاءِQuantity نہ Quality ڏسو. ڪڏهن ڪينسر جو اهڙو مريض وني ايندا آهن جنهن جي زخم مان بدبو اچي رهي هوندي آهي، جڏهن تہ شرعي مسئلو هي آهي تہ جنهن جي زخم، وات يا ڪپڙن مان بدبو اچي رهي هجي تہ ان کي مسجد ۾ داخل ٿيڻ ممنوع آهي.[1]

## مسجدن ۾ ناسمجھ ٻارن کي نہ آڻيو

هي بہ ذهن ۾ رکو تہ رمضان المبارڪ ۾ مُلاقات جي ترڪيب ناهي ٿي سگهندي ڇوتہ رات ننڍي هوندي آهي مدني مذاڪرو بہ نماز تراويح کان پوءِ شروع ٿيندو آهي پوءِ سحري جو بہ وقفو ڪرڻو هوندو آهي. ڪجھ اسلامي ڀائر ٻارن کي وني ايندا آهن ۽ مُلاقات جي لاءِ ضد ڪندا آهن تہ ملاقات ڪيو. انسان ٻارن تي رحم ڪائي مُلاقات ڪري بہ وني تہ هي مشهور ڪري ڇڏيندا تہ اسان جي ٻارن جي مُلاقات ٿي وئي آهي پوءِ اڳئين ڏينهن 10 ٻار ٻيا بہ اچي ويندا. پوءِ اهي ئي ٻار مسجد ۾ شور مچائيندا، هڪ ٻئي جي پنيان ڊڪندا ۽ کٻتي ڪيڏڻ شروع ڪندا آهن، والد تراويح جي نماز پڙهي رهيو هوندو آهي ۽ ٻار

---

[1] اعليٰ حضرت، امام اهلِ سُنت مولانا شاه امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: ٻار ۽ مجنون ۽ مجذوم ۽ ڪوڙهه ۽ بدبودار زخم واري ۽ ڪچي ٿوم، بصر ڪائڻ واري ۽ مُفسد(فساد ڪرڻ واري) ۽ موذي(ايذا ڏيڻ واري) شريعت انهن کي مسجد ۾ اچڻ جو حق ناهي ڏنو بلڪ مسجد کان پري ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. (اظہار الحق الجلی، ص64 ملتقطاً)

پويان شروع مچائي رهيو هوندو آهي. ٻارن جي حوالي سان هي مسئلو ياد رکو ته اهڙو ٻار جنهن جي باري ۾ غالب گمان هجي ته هي پيشاب ڪندو ته ان کي مسجد ۾ آڻڻ جائز ناهي ۽ اهڙو ٻار جنهن جي باري ۾ غالب گمان هجي ته هي پيشاب جو ٻڌائيندو ته ان کي مسجد ۾ آڻڻ مڪروه تنزيهي يعني ناپسنديده آهي. (در مختار مع ردالمحتار، 518/2) ۽ جيڪڏهن اهڙو ٻار آهي جيڪو مسجد ۾ شور مچائيندو، هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندو، مسجد جو احترام پامال ڪندو پڻ نمازين جي تڪليف جو باعث بڻجندو پلي 10 سال جوئي ڇونه هجي پيءُ کي ان جي باري ۾ علم هجي ته هي اهڙو اهڙو ڪم ڪندو ته ان کي مسجد ۾ آڻڻ گناهه ٿيندو.[1] اهڙا ٻار عام طور انهن مسجدن ۾ هوندا آهن جيڪي آبادي وارن علائقن ۾ نهيل هونديون آهن. ڪيئي اسلامي ڀائرن کي ان جو تجربو هوندو ته هي ڪيتري قدر شور مچائيندا آهن.

## ٻارن کي اعتڪاف ۾ آڻڻ جا نقصانات

ڪجھ ٻار اَٺ نوَ سال جا هوندا آهن ۽ سمجهدار به هوندا آهن اڪيلا هوندا ته شرافت سان ويهندا ۽ نماز وغيره به پڙهندا پر جتي هي هڪ کان گهڻا جمع ٿيندا آهن ته سڄي مسجد مٿي تي کڻندا آهن (يعني تمام گهڻو شور ڪندا آهن). لهٰذا جيڪڏهن ڪو چئي ته منهنجو ٻار شريف آهي ڪجھ نه ڪندو ۽ پيو شخص به اهوئي سوچي ڪري پنهنجي ٻار کي مسجد ۾ وٺي آيو ته هي ٻئي شريف ملي ڪري شرافت جون

---

[1]... (اعليٰ حضرت، امام اهلِ سُنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: جيڪڏهن (ٻارن کان) نجاست جو ظنّ غالب هجي ته انهن کي مسجد ۾ آڻڻ حرام ۽ حالت مشڪوڪ هجي ته مڪروهه آهي. جيڪڏهن ٻار ٻلڪ پوڙها به بدتميز، ناسمجهه هجن، شور مچائن، بي حرمتي ڪن، ته انهن کي مسجد ۾ نه آڻجي. (فتاوىٰ رضويه، 458/16، ملتقطاً))

حدون ٽپي ڪراس ڪري ڇڏيندا، ڪيئي ماڻهن کي ان جو تجربو به هوندو. بهتر اهو ئي آهي ته ٻارن کي پاڻ سان گڏ نه آندو وڃي. جيڪڏهن ڪو ٻار اهڙي طرح ڪري ته ان کي روڪڻ واجب آهي. ان کان علاوه ٻين ڪافي پريشانين جو سامنو ڪرڻو پوندو مثلاً مدني مذاڪري ۾ ڪو اهڙو موضوع هلي رهيو هجي جنهن کي ٻڌڻ ۾ به مزو اچي رهيو آهي ۽ اچانڪ ٻار چئي ته ابو بُک لڳي آهي يا پاڻي پيئڻو آهي پوءِ انهي وقت پاڻي پيئارڻ ويندا ته جيڪو بيان ٿي رهيو آهي ان کان ٻار جو والد ته محروم ٿيندو ئي گڏوگڏ ٻه چار ٻيا ماڻهو به انهي ڪري پريشان ٿيندا. پوءِ ٻار چوندو ابو مون کي پيشاب اچي رهيو آهي ته ان کي ڪٽي وڃڻو پوندو، نه ڪٽي ويا ته هُو اُتي ئي ڪري ڏيندو. ٻار اهڙي طرح گڙٻڙ ڪري ڇڏيندا آهن، ڪڏهن چوندو ننڊ اچي رهي آهي چوته سمجهه ناهي ايندو ته پوءِ ننڊ ايندي آهي هاڻي ان کي سمهارڻ جو مسئلو ٿيندو آهي. نه هي پاڻ سمجهندا آهن نه والد کي ٻڌڻ سمجهڻ ڏيندا آهن لهٰذا مهرباني ڪري ٻارن کي پاڻ سان گڏ نه آڻيو ۽ هي مدني التجا صرف ماهِ رمضان جي ئي لاءِ ناهي بلڪ سڄي سال جي لاءِ ذهن ۾ رکي ڇڏيو. Quantity جي بجائي Quality تي نظر رکو، چاهي پوري ٽرين جي بجائي ڪجهه ٽرين جا ڊٻا ئي ڀري آڻيو يا صرف هڪ بس ئي آڻيو. پر جن اسلامي ڀائرن کي آندو وڃي اهي سلجهيل ۽ خوفِ خدا وارا هجن جو انهن کي ڏسي ڪري الله ياد اچي وڃي، نه وري اهڙا هجن جو ڪو ٻاهريون ماڻهو اچي ڏسي ته بدذهن ٿي ڪري هليو وڃي ۽ چئي ته اسان ته وڏي تعريف ٻڌي هئي جڏهن ته هتي ته لڙائي جهڳڙا ٿي رهيا آهن. (ملفوظات امير اہل سنت، 245/2)

سوال: ڪيتري عمر جي اسلامي ڀائرن کي اعتڪاف ۾ ويهاريو

وجي؟[1]

جواب: جتي جتي اجتماعي سُنّت اعتکاف يا سڄي مهيني جي اعتکاف جي ترکيب هجي اُتي ۽ خاص ڪري عالمي مدني مرکز فيضان جي لاءِ هن ڳالهه جو خيال رکيو وڃي ته معتکف 20 سالن کان ننڍو ۽ 50 سالن کان وڏو نه هجي ڇوته وڏي عمر جي بزرگن کي سنڀالڻ مشڪل آهي ۽ انهن کي جڏهن مدني حلقن ۽ مدني مذاڪري جي دوران ننڊ ايندي ته هي جهنگهون (ٽنگهون) ڦهلائي ڪري بلڪل وچ ۾ سمهي رهندا ۽ پوءِ انهن کي ڪو روڪي به نه سگهندو. انهي ڪري جيڪڏهن پوڙهن کي ڪجهه چيو وڃي ته انهن کي ڪاوڙ به جلدي اچي ويندي آهي. پوڙها ويچارا معذُور ۽ بيمار هوندا آهن ۽ انهن جو حافظُو، هاضمو ۽ هر عضوو ڪمزور ٿي ويندو آهي صرف زبان طاقتور هوندي آهي جنهن سان اسٽيٽ فائر ڪري رهيا هوندا آهن ته ايئن بعض اوقات عمر رسيده پاڻ به تڪليف ڪٽندا آهن ۽ ٻين جي لاءِ به تڪليف جو سبب بڻجي ويندا آهن انهيءَ ڪري مَعذور ۽ پوڙهن کي اعتکاف ۾ نه آندو وڃي. ميٽرڪ جا شاگرد ۽ جامعة المدينہ ۽ عاشقانِ رسول جي مدرسن جا شاگرد پنهنجو ڪارڊ ڏيکاري ڪري اعتکاف ڪري سگهن ٿا ۽ جيڪڏهن ڪو 20 سالن کان گهٽ عمر جو به هجي ته ان کي به شايد اعتکاف ۾ ويهڻ جي رعايت آهي ۽ هي سيئي انهي ڪري آهي ته جيئن شاگرد موڪلن ۾ هيڏانهن هوڏانهن فضول ٽائم ضايع ڪرڻ بجائي الله پاڪ جي گهر ۾ ويهي رهن ۽ دين سکن ته ان مان هنن کي فائدو ٿيندو.

(ملفوظات امیر اہل سنت، 323/2)

سوال: جيڪي اجتماعي اعتکاف ۾ سکڻ سيکارڻ جي مدني حلقن

[1] هي سوال شعبه ملفوظات امير اهل سُنت جو قائم ڪيل آهي ۽ جواب امير اهل سُنت جو عنايت ٿيل آهي.

۾ شرڪت ناهن ڪندا اهي اعتڪاف ۾ ويهڻ چاهين ته ڇا ڪيو وڃي.؟[1]

جواب: اسان جون مجلسون ۽ ذميدار اسلامي ڀائر اعتڪاف جي لاءِ اهڙن ماڻهن جا ڪارڊ هرگز نہ ٺاهن. اعتڪاف ۾ هڪ تعداد اهڙي بہ ايندي آهي جنهن کي دعائن ۽ نماز وغيره سيکارڻ جي لاءِ لڳايل مدرسة المدينہ بالغان جي حلقي ۾ شرڪت ڪرڻ کان ڪابہ دلچسپي ناهي هوندي هي اعتڪاف ۾ صرف ڪائيندا پيئندا ۽ جان ٻڻائيندا آهن، اهڙا ماڻهو پنچائت لڳائيندا ۽ کلي آسمان هيٺ فيضان مدينہ جي صحن ۾ ويهي ڪري ڪچهريون ڪندا آهن ۽ انهن سان ملڻ جي لاءِ اچڻ وارن مان ڪو ان جي لاءِ ڪجهڙو آڻيندو آهي تہ ڪو ڪچڙي آڻي رهيو هوندو آهي جنهن کي هي سيئي ملي ڪري ڪائي رهيا هوندا آهن تہ اهڙن سان منهنجي هٿ ٻڌي ڪري معذرت آهي تہ هي اعتڪاف ۾ نہ اچن ۽ اسان کي پنهنجي شر کان بچائن. اسان کي اعتڪاف ۾ ويهارڻ جي لاءِ اهي اسلامي ڀائر گهرجن جيڪي اعتڪاف ۾ عبادت ۽ تلاوت ڪن، فرض نمازون باجماعت پڙهن ۽ سُنتون ۽ دعائون سکڻ سيکارڻ جي حلقن ۽ مدني مذاڪرن ۾ 100 فيصد شرڪت ڪن. ياد رکو! اسان کي اعتڪاف ۾ مُعتڪفين جي رش ۽ Quantit (يعني تعداد) نہ بلڪ Quality (يعني معيار) هرجي. جيڪي اسلامي ڀائر معتڪفين جون ٽرينون ڀري آڻيندا آهن انهن کي گهرجي تہ ڀلي اهي ٻارهن ٽرين جي ڊبن بجائي بہ ڊبا ڀري آڻين پر انهن ۾ Quality (يعني معيار) وارا اسلامي ڀائر هجن جيڪي هتان سکي وڃن پر عام طور تي Quality (يعني معيار) نہ بلڪ Quantity (يعني تعداد) هوندي آهي ۽ اهڙا افراد اعتڪاف جي لاءِ ايندا آهن جن کي سکڻ سيکارڻ

1 هي سوال شعبه ملفوظات امير اهل سُنت جو قائم ڪيل آهي ۽ جواب امير اهل سُنت جو عنايت ڪيل آهي

۾ دلچسپي ناهي هوندي. اهي ٻين کي تنگ ڪري رهيا هوندا آهن ۽ ان سان گڏوگڏ هي ڪباب سموسا کائي رهيا هوندا آهن ۽ بيمار ٿي ڪري اسان جي ڪلينڪ جون دوائون ڳڙڪائي ويندا آهن. دعوت اسلامي جي تحت هر هنڌ مُعتڪفين جي لاءِ ڪلينڪ جو اهتمام ناهي هوندو البته عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه ۾ هڪ ننڍڙي ڪلينڪ قائم ڪئي ويندي آهي جنهن ۾ محدود دوائون هونديون آهن ۽ ڪجهه ڊاڪٽرز رضاڪارانه طور تي تشريف ڪٽي ايندا آهن. هاڻي ايئن به ناهي ته جيڪو ويچارو بيمار ٿي ڪري ڪلينڪ وڃي ۽ ان جي باري ۾ هي چيو وڃي ته هي کائي کائي ڪري بيمار ٿيو آهي ڇوته اعتڪاف ۾ رش هوندي آهي ۽ ڪجهه ماڻهن جي طبيعتن ۾ نزاڪت هوندي آهن جنهن جي سبب انهن کي رش جي ڪري ننڊ ناهي ايندي ته بي آرامي جي ڪري اهي بيمار ٿي ويندا آهن. بهرحال پنهنجي صحت جو خيال رکو ۽ بس انهن ماڻهن کي اعتڪاف جي لاءِ آڻيو جيڪي دين جو جذبو رکندا هجن ۽ رضاءِ الٰهي ماڻڻ جي خاطر اچن. بقيه کي نه آڻيو ۽ نه اهڙن کي اعتڪاف جو ڪارڊ ڏنو وڃي. ڪجهه ماڻهن جي باري ۾ ته مجلسِ اعتڪاف کي به خبر پئجي ويندي هوندي ته هي اعتڪاف ۾ صرف کائيندا پيئندا ۽ پنهنجو شَر ٻين ۾ ڦهلائيندا ته معتڪفين کي اهڙن ماڻهن جي شر کان بچاڻ ضروري آهي.

## سيروتفريح ڪرڻ وارن کي به اعتڪاف ۾ نه آندو وڃي.

انهي طرح سيروتفريح ڪرڻ وارن کي به اعتڪاف ۾ نه آندو وڃي. ڇوته پنجاب ۾ سمنڊ ناهي انهي ڪري هڪ تعداد سمنڊ ڏسڻ جي لاءِ پنجاب وغيره کان اعتڪاف ۾ اچي ويندي آهي ۽ پوءِ هي سمنڊ ڏسڻ ويندا آهن ۽ اُتي اُٺ تي ويهي ڪري تصويرون ڪڍائيندا آهن جنهن کي اهي بعض اوقات سوشل ميڊيا تي به عام ڪندا آهن ته اهڙن کي دعوت اسلامي وارو نه چيو وڃي. دعوت اسلامي سمنڊ جيان آهي ۽

جڏهن سمنڊ ۾ جار اڇلايو وڃي ته ان ۾ مڇيون به اينديون، ڪيڪڙا به ايندا ۽ ٿي سگهي ٿو درياء جا نانگ به اچي وڃن ته هن طرح جا اسلامي ڀائر به اعتڪاف ۾ ايندا آهن جيڪي دعوت اسلامي کي بدنام ڪندا آهن، لهٰذا گهمڻ ڦرڻ وارن کي به اعتڪاف جي لاءِ عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه ڪراچي نه آندو وڃي. اسان وٽ ڪراچي ۾ جيڪو سمنڊ آهي ان جو نالو "بَحَر عرب" آهي ته جيڪڏهن ڪنهن کي سمنڊ ڏسڻو آهي ته اهو اعتڪاف کان علاوه اچي ۽ ان نيت سان سمنڊ ڏسي ته هي حجاز مُقدَّس کي چمڻ ويندو آهي. پهريان ڪراچي جي سمنڊ کان سفينو(سامونڊي جهاز) به حاجين جو قافلو کڻي جده شريف ويندو هو. ياد رکو! سمنڊ ڏسڻ گناه ناهي پر جڏهن اعتڪاف جي لاءِ اچو ته سڄو وقت هتي ئي گذاريو ۽ سمنڊ ۽ بازارن جو رخ نه ڪيو. هي ڳالهه به ذهن ۾ رکو ته اعتڪاف جي لاءِ سوال ڪرڻ جائز ناهي. لهٰذا جڏهن اعتڪاف جي لاءِ اچو ته ڪنهن کان هن طرح جو سوال نه ڪيو ته مون کي دعوت جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه ۾ اعتڪاف جي لاءِ وڃڻو آهي ۽ مون وٽ اچڻ وڃڻ جو ڪرايو ۽ جيب جي خرچي ناهي لهٰذا اوهان منهنجي مدد ڪيو. (ملفوظات امير اہل سنت، 324/2 ملتقطا)

**سوال:** ڇا مسجد حرام ۽ مسجد نبوي ۾ آبِ زم زم پيئڻ جي لاءِ اعتڪاف ڪرڻ جي نيت ضروري آهي؟

**جواب:** آبّ زم زم شريف پيئڻ يا ڪاڏو کائڻ جي لاءِ اعتڪاف جي نيت نٿي ٿي سگهي ۽ جيڪڏهن ڪري ورتي ته هي نيت معتبر ناهي. اعتڪاف جي نيت صرف ثواب خاطر ڪري سگهو ٿا. مسجدِ حرام يا مسجدِ نبوي ۾ به غير مُعْتَڪِف يعني جنهن اعتڪاف جي نيت ناهي ڪئي ان جي لاءِ آبّ زمزم پيئڻ جائز ناهي. جيڪڏهن پهريان اعتڪاف جي نيّت نه ڪئي هئي ۽ هاڻي آب زم زم پيئڻو آهي ته ان

جي لاءِ هي نيت نٿي ڪري سگهجي بلڪ ثواب جي نيت سان اعتڪاف جي نيت ڪيو پوءِ ذڪر و درود پڙهو مثلاً ٻارهن پيرا درود شريف پڙهو هاڻي آبِ زم زم پيئڻ جائز ٿي ويندو.

(ملفوظات امير اہل سنت، 451/2)

## ايندڙ هفتي جو رسالو



978-969-722-617-7
01082470

فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net